# قبر وارن جون 25 حڪايتون

سنڌي ترجمو

## ۽ قبرستان جون دعائون ۽ مدني گُل




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

دامت برڪاتهم العاليه

محمد الياس عطار قادري رضوي



مڪتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برکاتهم العاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جن جو اردو زبان ۾ تحريري بيان

# قبر وارن جون 25 حڪايتون

## مجلس تراجم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجِم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

فون نمبر: 021_34921389_90_91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# قبر وارن جون 25 حڪايتون

شيطان ڀلي ڪيتري ئي سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايمان تازو ٿي ويندو.

## ﴿1﴾ 560 قبرن تان عذاب ڪڇي ويو

حضرت عَلاّمہ ابو عبدالله محمد بن احمد مالڪي قُرطُبِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوي نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدُنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوي جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي هڪ عورت عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءَ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي عمل ٻڌايو. ان پنهنجي مرحومہ ڌيءَ کي خواب ۾ تہ ڏٺو پر هن حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪول (يعني ڏامر) جو لباس، ڳچيءَ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ زنجيرون آهن! هيءُ خوفناڪ منظر ڏسي هو عورت ڏڪڻ لڳي! هُن ٻئي ڏينهن هي خواب حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوي کي ٻڌايو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿي ويا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوي خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ هڪ تخت

(1) هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع (5 شعبان المعظم 1431 هه/ 10_ 7 _ 22) ۾ فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

تي پنهنجي مٿي تي تاج سجائي ويني آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڏسي هوءَ چوڻ لڳي: ”آءُ انهيءَ عورت جي ڌيءَ آهيان، جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هُئي“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: هُن جي چوڻ مطابق تہ تون عذاب ۾ هئين، آخر هيءُ انقلاب ڪهڙي طرح آيو؟“ مرحومہ چوڻ لڳي: قبرستان جي ويجهو کان هڪ شخص گذريو ۽ هُن مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت، نوشہِ بزم جنت، مَنبعِ جُود و سخاوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ اسان 560 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو.

(ماخوذ التذکرة في احوال الموتيٰ و امور الاخرة ج 1 ص 74)

بسوئے کُوئے مدینہ بڑھو دُرود پڑھو
جو تم کو چاہئے جنّت پڑھو دُرود پڑھو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ بُزرگ جي دُعا سان سڄي قبرستان کي بخشيو ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ درود شريف جي وڏي برڪت آهي ۽ اُهو بہ ڪنهن عاشقِ رسول جي زبان سان پڙهيو وڃي تہ ان جو شان ئي ڪجهہ ٻيو هوندو آهي، تي سگهي ٿو اهو ڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو مقبول ٻانهو هجي جنهن جي قبرستان مان گذرڻ ۽ درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان 560 مُرْدن (مري ويلن) تان عذاب ڪڃي ويو. پنهنجي عزيزن جي قبرن تي عاشقانِ رسول کي احترام سان وٺي وڃڻ، اتي انهن کان ايصال ثواب

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

ڪرائڻ يقيناً نفعي بخش آهي. الله وارن جي قدمن جي برڪت جي ڇا ڳالهه ڪجي! حضرت سيدنا شيخ اسماعيل حَضرمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي قبرستان مان گذريا ۽ هڪ قبر وٽ ويهي ڏاڍو رُنا پوءِ توري دير کان پوءِ اوچتو کلڻ لڳا! جڏهن سبب معلوم ڪيو ويو ته فرمايائون: مون ڏٺو ته هن قبرستان وارن تي عذاب ٿي رهيو آهي ته مون انهن لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان آهه و زاري (۽ گهڻو روئي ڪري مغفرت لاءِ دعا) ڪئي ته مونکي چيو ويو وڃ اسان انهن ماڻهن لاءِ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي. (اهو فرمائي ڪُنڊ تي ٺهيل هڪ قبر جي طرف اِشارو ڪري فرمايائون:) انهيءَ قبر واري عورت چيو ته اي فقيه اسماعيل! مان هڪ ڳائڻ وڄائڻ واري عورت هئس، ڇا منهنجي به مغفرت ٿي وئي؟ ته مون چيو ته ها ۽ تون به انهن (بخشي ويلن) ۾ آهين. اِها ئي ڳالهه منهنجي کِلڻ جو سبب آهي.

(شرح الصدور ص 206) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جو به ڇا شان آهي! قبرن جا حال انهن تي ظاهر آهن، قبر وارن سان ڳالهه ٻولهه به ڪري فرمائن، ۽ انهن جي دعائن ۽ مناجاتن سان عذاب ڪجي وڃن. قبر وارا انهن سان فرياد ڪن ته هي حضرات ٻڌي وٺن ۽ انهن جي اِمداد فرمائن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي صدقي بي حساب بخشي ڇڏي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم:جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

هم کو سارے اولیاء سے پیار ہے

اِن شاءَ اللّٰہ! اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تي فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اسان کي به قبرستان وڃي قبرن جي زيارت ڪرڻ ڪپي جو هيءُ سنت، آخرت جي ياد جو ذريعو، پنهنجي لاءِ مغفرت، قبر وارن جي لاءِ فائدي جو سبب آهي. انهيءَ باري ۾ **تي فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: ﴿1﴾ مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇو ته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجہ ج 2 ص 252 حديث 1571) ﴿2﴾ جڏهن ڪو شخص اِهڙي قبر تان گذري جنهن کي دنيا ۾ سڃاڻيندو هو ۽ اُنهيءَ تي سلام ڪري ته هو مُردو انهيءَ کي سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ان جي سلام جو جواب ڏيندو آهي. (تاريخ بغداد ج 6 ص 135 حديث 3175) ﴿3﴾ جيڪو پنهنجي والدين ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪري، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪو ڪار لکيو ويندو. (شعب الايمان ج 6 ص 201 حديث 7901)

## ﴿3﴾ فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي قبر وارن سان گفتگو

اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ قبرستان مان گذريا ته چيائون: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ (يعني اي قبر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي) نئيون خبرون هي آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

تہ توهان جي عورتن نئيون شاديون ڪري ڇڏيون، توهان جي گهرن ۾ ٻيا ماڻهو آباد ٿي ويا ۽ توهان جا مال تقسيم ٿي چُڪا آهن. تہ آواز آيو: اي عمر! اسان جون نئيون خبرون هي آهن تہ اسان جيڪي نيڪ عمل ڪيا ان جو بدلو هتي مليو ۽ جيڪو راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو ان جو بہ نفعو مليو ۽ جيڪو (دنيا ۾) ڇڏي آياسين اُن ۾ نقصان ٿيو. (شرح الصدور ص 209)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

## غافل انسان! گڏ نيڪي ويندي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمؤمنين حضرتِ سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ڇا شان آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ قبر وارن سان بہ گفتگو فرمائي وٺندا هئا. بيان ڪيل حڪايت ۾ خصُوصاً مال و دولت جي لالچين ۽ عاليشان گهر ۽ وڏا وڏا پلازه ناهڻ وارن جي لاءِ عبرت جا ڪافي ”مدني گُل“ آهن. آهہ! انسان دنيا جي جنهن گهر کي مضبوط ۽ مَحفوظ ناهي ۽ عمده کان عمده انداز ۾ سجائي ٿو. اهو هن وٽ هميشہ نٿو رهي، آخرڪار ٻيا ماڻهو ان جي اندر آباد ٿي وڃن ٿا. هُن جي خون پگهر جي ڪمائي ۽ جمع ٿيل پُونجي ۽ ”بئنڪ بيلينس“ تي بہ ٻيا ئي ماڻهو قبضو ڄمائن ٿا. ها مرڻ کان پوءِ صِرف اُهو مال ڪم اچي ٿو جيڪو راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو ويو هجي. سورت دُخان سيپارو 25 آيت نمبر 25 کان 29 ۾ ارشاد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ربّاني آهي.

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۲۵﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۲۶﴾ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَ الْاَرْضُ وَ مَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿۲۹﴾

**ترجمهٔ ڪنزالايمان:** ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشما ۽ پوکون ۽ سٺيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ بي فڪر گذاريندا هئا، اسان ائين ئي ڪيو ۽ انهن جو وارث ٻي قوم کي ڪري ڇڏيو انهن تي نه آسمان رُنو ۽ نه زمين ۽ انهن کي مهلت نه ڏني وئي.

دولتِ دنیا یہیں رہ جائے گی
غافل انساں ساتھ نیکی آئے گی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبرستان ۾ سلام جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به قبرستان جي حاضري جو موقعو ملي اهڙيءَ طرح بيهو جو قبلي جي طرف پُٺ ۽ قبر وارن جي چهرن جي طرف مُنهن هجي انهيءَ کان پوءِ تِرمذي شريف ۾ بيان ٿيل هي سلام چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحنُ بِالْاَثَر ترجمو: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهريان اچي ويا ۽ اسين توهان کان بعد ۾ اچڻ وارا آهيون. (ترمذي ج 2 ص 329 حديث 1055) ❁ چهري جي طرف کان سلام عرض ڪرڻ جي حڪمت بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: قبر جي

زيارت ميّت جي مُوَاجَهَ (يعني چهري جي سامهون) بيهي ڪري ڪيو ۽ اُن (يعني قبر واري) جي پيراندي (يعني پيرن) جي طرف کان وَڃي، جو اُن (يعني صاحبِ قبر) جي نظرن جي سامهون هجي، سيراندي کان نه اچي جو انهن کي مَٿو ڪٽي ڏسڻو پوي. (فتاوٰي رضويه مخرجه ج 9 ص 532) ❁ خوب روئي روئي پنهنجي ۽ قبر وارن جي مغفرت جي لاءِ دُعا گهرو، جيڪڏهن روئڻ نه اچي ته روئڻ جهڙي شڪل بڻايو .

## قبر تي گُل وجهڻ

قبر تي گُل وجهڻ بهتر آهي جو جيستائين ساوا رهندا تسبيح ڪندا ۽ ميِّت جي دل وندرندي. (رَدُّالمُحتار ج 3 ص 184) ❁ اِئين ئي جنازي تي گُلن جي چادر وجهڻ ۾ حرج ناهي.(بهار شريعت ج 1 ص 852) ❁ قبر تان سائو گاهه پٽڻ نه گهرجي جو اُن جي تسبيح سان رحمت لهندي آهي ۽ ميت کي اُنس (يعني سکون) حاصل ٿيندو ۽ (گاهه) پٽڻ ۾ ميِّت جو حق ضايع ڪرڻ آهي. (رَدُّ المُحتار ج 3 ص 184)

## قبرِستان ۾ ڇا غور ڪري؟

قبرِستان جي حاضري جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۽ غفلت ڀريل خيالن جي بدران فڪرِ مدينه يعني پنهنجو مُحاسبو ڪندي پنهنجي موت کي ياد ڪري، ٿي سگهي ته لُڙڪ وهايو، ۽ گناهن کي ياد ڪندي پاڻ کي قبر جي عذاب کان خُوب ڊيڄاريو، توبهه ڪريو ۽ هي تصور ذهن ۾ ڄمايو ته

جهڙي طرح اڄ هي مڙدا پنهنجي پنهنجي قبرن ۾ اڪيلا پيل آهن، جلد ئي مان بہ اهڙي طرح اونداهي قبر ۾ اڪيلو پيل هوندس ۽ حديث پاڪ جي هِن لفظن کي ياد ڪريو: كَمَا تَدِينُ تُدانُ يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي.

(اَلجامِعُ الصَّغِير للسُّيُوطي ص 399 حديث 6411)

قبر میں مَیِّت اُترنی ہے ضَرور جیسی کرنی وَیسی بھرنی ہے ضَرور

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ گلاب جا گُل يا اَژدَها؟

حضرتِ سيّدُنا سُفيان بِن عُيَيْنه رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحمَةُ: يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمتِ اِلٰهي نازل ٿيندي آهي. (حِلْيَةُ الْاَوْلِيَاءِ ج 7 ص 335 رقم 10750)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! جڏهن نيڪ ماڻهن جي ذڪر جو هي حال آهي تہ جتي نيڪ ماڻهو خُود موجود هُجن اُتي رحمت جي نازل ٿيڻ جو ڇا عالَم هوندو! بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها قبرن ۾ هجن تڏهن بہ فيض پهچائن ٿا ۽ انهن جي پاڙي ۾ دفن ٿيڻ وارن جا بہ وارا نيارا ٿي ويندا آهن. جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”مَلفُوظاتِ اعليٰ حضرت“ صفحو 270 تي اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ارشاد آهي: مون حضرت ميان صاحب قِبلہ قُدِّسَ سِرُّہ کي فرمائيندي ٻُڌو: هڪڙي جڳهہ ڪا قبر کُلي ويئي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

مڙدو نظر اچڻ لڳو، ڏٺو تہ گلاب جون بہ ٽاريون هن جي جسم سان چنبڙيل آهن ۽ گلاب جا بہ گُل هُن جي ناسن (يعني نڪ جي بنهي سوراخن) تي رکيل آهن. هِن جي عزيزن (مائٽن) اِنهيءَ خيال سان تہ هِتي قبر پاٽيءَ جي ڪري ڪُلي ويئي، ٻي جڳهہ قبر کوٽي (مرحوم جي لاش کي) اُنهي ۾ رکيو، هاڻي جو ڏسن تہ بہ ازدها (يعني بہ تمام وڏا نانگ) هُن جي جِسم سان چنبڙجي پنهنجي ڦڻن سان هن جو منهن نوچي رهيا آهن! حيران ٿيا. ڪنهن صاحبِ دل سان هي واقعو بيان ڪيو، انهن فرمايو! اُتي بہ هي ازدها ئي هئا پر هڪ وليُّ اللّٰه جي مزار جو قُرب هو، اُنهي جي برڪت سان هُو عذاب رحمت تي ويو هو، اُهي ازدها گُل جيان تي ويا هئا ۽ انهن جا ڦڻ گلاب جا گُل، هِن (يعني مرحوم) جي خيريت چاهيو تہ اُتي وٺي وڃي دفن ڪريو. اُتي وٺي وڃي رکيو تہ وري اُهو ئي گُل جا وڻ هئا ۽ اُهي گلاب جا گُل.

## مُڙدن کي بُزُرگن وٽ دفن ڪريو

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي برادري ۾ تدفين بہ بيشڪ جائز آهي پر ڪنهن وليُّ اللّٰه جي قُرب ۾ بہ گز زمين نصيب ٿي وڃي تہ مدينه مدينه. منهنجا آقا اعليٰحضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: پنهنجي مُڙدن کي بُزُرگن وٽ دفن ڪريو جو اِن جي برڪت جي سبب اُنهن تي عذاب نٿو ڪيو وڃي. هُمُ الۡقَوۡمُ لَا يَشۡقٰى بِهِمۡ جَلِيۡسُهُم۔ (يعني)

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

اهي اهڙي قوم آهي جنهن جو همنشين (يعني صحبت ۾ رهڻ وارو) بہ محروم نٿو رهي. تنهنڪري حديث شريف ۾ فرمايو: اَدْفِنُوْا مَوْتَاكُمْ وَسْطَ قَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ (يعني) پنهنجي مُڙدن کي نيڪن جي وچ ۾ دفن ڪريو. (اَلْفِرْدَوْس بما ثور الْخطّاب ج1، ص 102 حديث 337)

مروں طیبہ میں اے لوگو! بقیعِ پاک لیجانا
صحابہ اور اہلبیت کے سائے میں دفنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ قبرستان جا مُڙدا خواب ۾ اچي پهتا!

هڪ شخص جو معمول هو تہ هُو قبرستان ۾ اچي ويهي رهندو ۽ جڏهن بہ ڪو جنازو ايندو اُنهي جي نماز پڙهندو ۽ شام جي ٽائيم قبرستان جي دروازي تي بيهي ڪري هِن طرح دعائون ڏيندو: (اي قبر وارؤ) خدا توهان کي اُنس (يعني سڪون) عطا ڪري توهان جي غربت تي رحم ڪري. توهان جا گناهہ معاف فرمائي ۽ نيڪيون قبول ڪري. اُهي ئي شخص فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن شام جو (وجڻ وقت) آئون پنهنجو قبرستان وارو معمول پورو نہ ڪري سگهيس، يعني اُنهن کي دعائون ڏيڻ جي بغير ئي گهر اچي ويس. منهنجي **خواب ۾ وڏي تعداد ۾ هڪ مخلوق** اچي ويئي! مون اُنهن کان پڇيو: اوهان ڪير آهيو ۽ ڇو آيا آهيو؟ چيائون: اسان قبرستان وارا آهيون. اوهان عادت بڻائي ڇڏي هئي تہ گهر اچڻ وقت اسان کي هديو (يعني تحفو) ڏيندا هُئا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

۽ اڄ توهان نہ ڏنو. مون چيو: اُهو هديو ڇا هو؟ تہ اُنهن چيو: اُهو هديو دعائن جو هو. مون چيو: نيڪ هاڻي هي هديو آئون توهان کي ٻيهر ڪان ڏيندس. هن ڪان پوءِ مون پنهنجي انهيءَ معمول کي ڪڏهن بہ ترڪ نہ ڪيو. (شرحُ الصُّدور ص 226)

## روحَ گهرن تي اچي ايصالِ ثواب جو مطالبو ڪن ٿا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! معلوم ٿيو مرڻ وارا پنهنجي قبرن تي اچڻ وڃڻ وارن کي سڃاڻيندا آهن ۽ اُنهن کي زنده جي دعائن سان فائدو پهچندو آهي، جڏهن زنده ماڻهن جي طرفان ايصال ثواب جا تحفا اچڻ بند ٿيندا آهن تہ اُنهن کي خبر پئجي ويندي آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اُنهن کي اجازت ڏيندو آهي پوءِ گهرن تي وڃي ڪري ايصال ثواب جو مطالبو بہ ڪندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دين ملّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه (مُخرَّجه) جلد 9 صفحي 650 تي نقل ڪن ٿا: ”غرائب“ ۽ ”خزانہ“ ۾ نقل آهي تہ مؤمِنن جا رُوحَ هر جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) عيد جي ڏينهن، عاشوري جي ڏينهن ۽ شبِ برات تي پنهنجي گهر جي ٻاهر اچي بيهي رهندا آهن ۽ هر رُوح ڏکويل وڏي آواز سان نِدا ڪندي (يعني سڏ ڪري چوندو) آهي تہ اي منهنجا گهر وارؤ! اي منهنجي اولاد! اي منهنجا رشتيدارو! اسان جي ايصال ثواب جي نيّت سان صدقو (خيرات) ڪري اسان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودِشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

تي مهرباني ڪريو.

هے کون کہ گریہ کرے یا فاتحہ کو آئے
بے کس کے اُٹھائے تِری رَحمت کے بھَرن پھول

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ ايصال ثواب جي هٿو هٿ برڪت

ايصالِ ثواب جي هٿو هَٿ برڪت ڏسڻ جي سلسلي ۾ حضرت ملا علي قاري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ البارِي نقل فرمائن ٿا: حضرت شيخ اڪبر مُحيُ الدّين اِبنِ عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ جڳهه دعوت ۾ تشريف وٺي ويا، پاڻ ڏٺو ته هڪ نوجوان کاڌو کائي رهيو آهي جنهن جي باري ۾ هي مشهور هو ته هيءُ صاحبِ ڪَشف آهي. جنّت ۽ دوزخ جو به هِن کي ڪشف ٿيندو آهي، کاڌو کائيندي اوچتو هُو روئڻ لڳو، سبب دريافت ڪرڻ (يعني پڇڻ) تي چيائين ته منهنجي ماءُ دوزخ ۾ سڙي رهي آهي، حضرت سيّدنا شيخ اڪبر مُحيُ الدّين ابن عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ اِهو ئي ڪلمو طيّب ستر هزار ڀيرا پڙهيل محفوظ هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هُن جِي ماءُ کي دِل ۾ ايصال ثواب ڪري ڇڏيو. فوراً اُهو نوجوان کِلڻ لڳو ۽ چيائين ته مان پنهنجي امڙ کي جنّت ۾ ڏسان ٿو.

(مِرقاةُ الْمَفاتِيح ج 3 ص 222، تحت الحديث 1142 دارالفكر بيروت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هُو "نوجوان" ڪشف جي ذريعي غيب جون حالتون ڏسي وٺندو هو! سيّدُنا اِبنِ عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ايصالِ ثواب ڪرڻ تي پاسو ئي مَٽجي ويو، جنهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

حديث پاڪ ۾ ستر هزار ڪلمو پاڪ پڙهڻ جي فضيلت آهي. اُها هي آهي: بيشڪ جنهن شخص ستر هزار ڀيرا چيو: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، الله عَزَّوَجَلَّ هُن جي مغفرت فرمائيندو ۽ جنهن جي لاءِ اِهو چيو ويو اُنهي جي بہ مغفرت فرمائيندو. (مِرقاةُ الْمَفاتِيح ج 3 ص 222، تحت الحديث 1142) اسان کي بہ گهرجي تہ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو اسان بہ ستر هزار ڪلمو پاڪ پڙهي ونون. جنهن جا عزيز رشتيدار وفات ڪري وڃن اُنهن کي گُهرجي تہ هِي وِرد ڪري ايصال ثواب ڪن. هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي نِشست (يعني ويهڪ) ۾ پڙهڻ ضروري ناهي، ٿورو ٿورو ڪري بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن روزانو 100 دفعا پڙهي ونو تڏهن بہ ٻن سالن کان پهرين پهرين ستر هزار جو تعداد پورو ٿي ويندو.

میرے اعمال کا بدلہ تو جہنّم ہی تھا
میں تو جاتا مجھے سرکار نے جانے نہ دیا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرڻ واري کي خواب ۾ بيمار ڏسڻ جي تعبير

ڪنهن وفات ڪندڙ کي خواب مَنجهہ ڪاوڙ ۾، بيمار يا اُگهاڙو وغيره ڏسڻ جي تعبير عام طور تي اها بيان ڪئي ويندي آهي تہ مُردو عذاب ۾ گرفتار آهي. تنهنڪري ڪنهن مسلمان کي مَعَاذَالله ڪير اِن حال ۾ ڏسي تہ اُنهي کي گهرجي تہ مرحوم کي ايصال ثواب ڪري. جيئن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ﭘ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ﭘ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ (مُخَرَّجه) صفحي 139 تي ايمان افروز معلوماتي عرض و ارشاد مُلاحظ فرمايو، **عرض:** حضور! هڪ شخص پنهنجي ڌيءَ جي وفات ڪان پوءِ ڏنو تہ هُو عَليل (يعني بيمار) ۽ اُگهاڙي آهي. هي خواب ڪجهہ دفعا ڏسي چڪو آهي. **ارشاد:** ڪلمو طيّبه (يعني هردفعا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ) ستر هزار 70,000 ڀيرا، درود شريف سان گڏ پڙهي ڪري بخشي ڪيو وڃي، اِن شآءَ الله پڙهڻ واري ۽ جنهن کي بخشيو (يعني ايصال ثواب ڪيو ويو) آهي ٻنهي جي لاءِ نجات جو ذريعو ٿيندو ۽ پڙهڻ واري کي ٻيڻو ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن ٻن کي بخشيندو تہ ٽيڻو (يعني ٽي گنا) اهڙي طرح ڪروڙن بلڪ جميع (يعني سيني) مؤمنن ۽ مؤمِنات کي ايصال ثواب ڪري سگهي ٿو، انهيءَ برابر اِن پڙهڻ واري کي ثواب ٿيندو.

اللہ کی رَحمت سے تو جنّت ہی ملیگی
اے کاش! محلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو

## ﴿7﴾ باهہ جو شعلو ڪٽي آيو، جيڪڏهن....

هڪ ماڻهو پنهنجي مرحوم پيءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيو: قبر ۾ دفنائڻ ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟ جواب ڏنائين: هڪ شخص باهہ جو شعلو کڻي ڪري مون ڏانهن آيو، جيڪڏهن دُعا ڪرڻ وارو مون لاءِ دُعا نہ ڪري ها تہ هُو مون کي ماري ئي ڇڏي ها. (شرح الصُّدور ص 281)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

## زندهہ جي دُعائن سان مُڙدا بخشيا ويندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو وفات ڪندڙ مسلمانن ڪي زنده ماڻهن جي دُعائن جو بي انتها فائدو پهچي ٿو، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 429 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”مدني پنج سوره“ صفحي 406 تي آهي، مديني جي تاجور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: منهنجي اُمّت گناهن سان قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي تہ بي گناهہ هوندي ڇو تہ هُو مؤمنين جي دُعائن سان بخشجي ويندي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسط ج 1، ص 509، حديث 1879)

مجھ کو ثواب بھیجو، دعائیں ہزار دو
گو قَبْر میں اُتارا، نہ دل سے اُتاردو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿8﴾ مرحوم والد صاحب خواب ۾ اچي چيو تہ....

حضرتِ سيّدُنا سُفْيان بِن عُيَيْنه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي: جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿي ويو تہ مون تمام آهہ و زاري ڪئي (يعني تمام گهڻو رُنس) ۽ اُن جي قبر تي روزانو حاضري ڏيڻ لڳس. پوءِ آهستي آهستي ڪجهہ گهٽتائي اچي وئي. هڪ ڏينهن مرحوم والد خواب ۾ تشريف آڻي فرمايو: اي پُٽ! تو ڇو دير ڪئي؟ مون پُڇا ڪئي: ڇا اوهان کي منهنجي اچڻ جو علم ٿي ويندو آهي؟ فرمايائون: ڇو نہ مون کي تنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : اُن شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي.

حاضري جي خبر ٿي ويندي هئي ۽ آئون تو کي ڏسي خوش ٿيندو هئس، ۽ منهنجا پاڙيسري مُڙدا بہ تنهنجي دُعا سان راضي ٿيندا هئا. اهڙي ريت اِنهي خواب کان پوءِ مون پابندي سان والد صاحب جي قبر تي وڃڻ شروع ڪري ڏنو. (شرحُ الصُّدور، ص 227)

## ﴿9﴾ قبر ۾ مڙدو ٻُڏڻ واري وانگر هوندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ قبر وارا اچڻ وڃڻ وارن رشتيدارن، عزيزن ۽ دوستن جي اچڻ ۽ اُنهن جي دُعا ۽ ايصال ثواب تي خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪو رشتيدار نٿو وڃي انهيءَ جي انتظار ۾ رهندا آهن، سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: مُڙدي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جيان آهي جو هو شّدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ، ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دُعا هن کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا پهچندي آهي تہ انهي جي ويجهو اُها دُنيا ومَا فِيهَا (يعني دنيا ۽ انهي ۾ جيڪو ڪجھ آهي) کان بهتر هوندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زنده تعلق رکندڙن جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن جيان عطا فرمائيندو آهي. زنده ماڻهن جو هديو (يعني تحفو) مڙدن لاءِ ”مغفرت جي دُعا ڪرڻ آهي“. (شُعَبُ الْاِيْمَان ج 6، ص 203، حديث 7905)

## ماءُ پيءُ جون قبرون جيڪڏهن وِچ قبرستان ۾ هجن تہ...

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اُهو تمام گهڻو خوش نصيب پُٽ آهي جيڪو پنهنجي مرحوم والدين جي قبرن جي زيارت لاءِ

ويندو هجي. هي مسئلو ياد رکو ته بين قبرن تي پير رکڻ کان بغير ماءُ پيءُ جي قبرن تائين وڃي نه سگهندا هجو ته پري کان ئي فاتحه پڙهو، چو ته بُزرگن جي مزارن يا ماءُ پيءُ جي قبرن تي وڃڻ مستحب ڪم آهي، ۽ مسلمان جي قبر تي پير رکڻ حرام آهي، مستحب ڪم جي لاءِ حرام ڪم جي شريعت ۾ اجازت ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه (مُخَرَّجه) جلد 9 صفحي 524 تي ارشاد فرمائن ٿا: انهي جو لحاظ لازمي آهي جو جنهن قبر وٽ خاص وڃڻ چاهي تو انهي تائين (اهڙو) قديم (يعني پراڻو) رستو هجي، (جيڪو قبر ڊاهي نه ناهيو ويو هجي) جيڪڏهن قبرن جي مٿان گذرڻو پوي ته اجازت ناهي، رستي جي ڪناري بيهي پري کان هڪ قبر ڏانهن توجهه ڪري ايصالِ ثواب ڪري ڇڏيو.

## قبر وٽ ويهي ڪري تلاوت ڪرڻ جي باري ۾....

بارگاهِ رضويت ۾ تيڻ وارا "**سوال جواب**" ملاحظ فرمايو،

**سوال**: "قبرستان ۾ قرآن شريف يا پنج سوره قبر جي ويجهو ويهي ڪري تلاوت ڪرڻ جائز آهي يا نه؟" **الجواب**: "قبر وٽ تلاوت زباني يا ڏسي ڪري هر طرح جائز آهي (اُتي تلاوت سان رحمت نازل ٿيندي ۽ ميّت جي دل وندرندي آهي) جڏهن ته لِوَجْهِ الله (الله تعاليٰ جي رضا لاءِ) هجي، ۽ قبر تي نه ويهي، نه ڪنهن قبر تي پير رکي اُتي پهچڻو پوي، ۽ جيڪڏهن بغير انهي جي (يعني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

قبر تي پير رکڻ ڪانسواءِ) ان تائين نه وڃي سگهي ته قبر جي ويجهو تلاوت جي لاءِ وڃڻ حرام آهي، بلڪ ڪناري ئي تان (يعني اهڙي جڳهه ڪان جتان ڪنهن قبر ڪي لتاڙڻو نه پوي) تلاوت ڪري. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 524، 525)

## ﴿10﴾ نوراني لباس

هڪ بُزرگ پنهنجي مرحوم پاءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيا ڪئي: ڇا زنده ماڻهن جي دعا توهان ماڻهن تائين پهچندي آهي؟ ته انهن جواب ڏنو: ها الله جو قسم! اُها نوراني لباس جي صورت ۾ اچي تي ان کي اسين پائي وٺون ٿا.(شَرحُ الصُّدُور ص، 305)

جلوهٔ یار سے ہو قبر آباد     وَحشتِ قبر سے بچا یارب!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿11﴾ نوراني طَباق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو اسان جيڪي دُعا ۽ ايصالِ ثواب ڪريون ٿا اُهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان وفات ڪري ويل مسلمانن کي تمام سُٺي صورت ۾ پهچي ٿو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي مرحوم عزيزن بلڪ سڀني مسلمانن کي ايصالِ ثواب ڪندا رهون. ”شَرحُ الصُّدُور“ ۾ آهي: جڏهن ڪو شخص ميّت کي ايصال ثواب ڪري ٿو ته حضرت سيّدُنا جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام اُنهي کي نوراني طباق (يعني ٿال) ۾ رکي ڪري قبر جي ڪناري بيهي ڪري فرمائي ٿو: ”اي قبر وارا! هي هديو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

(يعني تحفو) تنهنجي گهروارن موڪليو آهي قبول ڪر. اِهو ٻُڌي هُو خوش ٿئي ٿو ۽ اُنهي جا پاڙيسري (مُژدا) پنهنجي محرومي تي غمگين ٿين ٿا. (ايضاً ص 308)

قبر میں آہ! گُھپ اندھیرا ہے فضل سے کردے چاندنا یارب!

صَـلُّوا عَـلَى الـحَبِـيب! صَـلَّى اللهُ تَعالٰى عَـلٰى مُـحَمَّد

# ايصالِ ثواب جا 4 مدني گُل

## مرحوم جي قبر ۾ نور پيدا ٿئي

﴿1﴾ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن بہ مسلمان جي قبر جي زيارت لاءِ وڃڻ چاهي تہ مستحب هي آهي تہ پهرين پنهنجي گهر ۾ (مڪروهہ وقت کان علاوہ) ٻہ رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَہ کان پوءِ هڪ دفعو اٰيَةُ الۡكُرۡسِيِّ ۽ ٽي دفعا سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاص پڙهي ۽ انهيءَ نماز جو ثواب صاحبِ قبر کي پهچائي، الله عَزَّوَجَلَّ اُن وفات ڪندڙ ٻانهي جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ هِن (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج 5، ص 350)

## سيني قبر وارن کي سفارشي بڻائڻ جو عمل

﴿2﴾ شفيع مُجرمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ هُن سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَہ، سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاص ۽ سُوۡرَةُ التَّكَاثُر پڙهي پوءِ هيءَ دُعا گُهري: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪي ڪجهہ قرآن شريف پڙهيو اُن جو ثواب هِن قبرستان جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

مؤمن مَردن ۽ مؤمِن عورتن کي پُهچاءِ، تہ هو سڀ جا سڀ قيامت جي ڏينهن هِن (يعني ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي تيندا.
(شَرحُ الصُّدُور ص، 311)

## مُڙدن جي ڳڻپ جي برابر ثواب ڪمائڻ جو طريقو

﴿3﴾ حديث پاڪ ۾ آهي: "جيڪو يارنهن دفعا سُوۡرَۃُ الۡاِخۡلَاص پڙهي ڪري اِنهي جو ثواب مُڙدن کي پهچائي تہ مُڙدن جي تعداد جي برابر هن (يعني ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو" (جَمۡعُ الۡجَوامِع لِلسُّيُوطي، ج 7 ص 285 حديث 23152) ﴿4﴾ هن طرح بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو: قبرستان ۾ وڃي تہ اَلۡحَمۡد شريف ۽ الٓمّٓ کان مُفۡلِحُوۡنَ ۽ اٰيَةُ الۡكُرۡسِيّ ۽ اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ کان آخر سورة تائين سورهءِ يٰسين ۽ تَبٰرَكَ الَّذِىۡ ۽ اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ هڪ هڪ ڀيرو قُلۡ هُوَ اللّٰهُ (پوري سورت) 12 (ٻارهن) يا 11 (يارهن) يا 7 (ست) يا 3 (ٽي) دفعا پڙهي.
(بهار شريعت ج، 1 حصه 4، ص 849 مڪتبة المدينة باب المدينه ڪراچي)

ڀيجو اے بھائیو مجھے تحفہ ثواب کا
دیکھوں نہ کاش قبر میں، میں منہ عذاب کا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12-13﴾ غوث پاڪ جي "پنهنجي امام" جي مزار تي حاضري

اسان جا غوث اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الاكرم "حنبلي" يعني حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جا مُقَلِّد هئا. غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه قبرستان ۾ خاص ڪري بزرگان دين جي مزاراتِ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ پيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

طَيِّبَات (پاڪ مزارن) جي زيارت ڪندا هئا. جيئن تہ حضرت سيِّدُنا شيخ علي بن هَيتي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوِي بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النّورانِي ۽ شيخ بقا بِن بَطو رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان گڏ حضرت سيِّدُنا امام احمد بن حنبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي مزارِ فائضُ الأنوار جي زيارت ڪئي تہ ڏٺو حضرت سيِّدُنا اِمام احمد بن حنبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي قبرِ انور مان نڪري ڪري حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النّورانِي سان معانقو ڪيو (يعني گلي مليا) ۽ پنهنجي خِلْعَت (يعني عزت افزائي جو لباس) عنايت ڪري فرمايو: اي عبدالقادر! سيئي ماڻهو شريعت جي علم ۽ طريقت ۾ تنهنجا محتاج هوندا، پوءِ آئون حضرتِ غوثِ اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاكرم سان گڏ حضرتِ سيِّدُنا شيخ معروف ڪرخي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوِي جي مزار پُرانوار تي ويس اُتي حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النّورانِي فرمايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ يَاشَيْخ مَعْرُوْفٌ! عَبَرْنَاکَ بِدَرْجَتَيْن. يعني معروف! اوهان تي سلامتي هجي، اسان توهان کان ٻہ درجا وڌي ويا آهيون. اُنهن قبر جي اندران جواب ڏنو: وَعَلَيْکَ السَّلَامُ يَا سَيِّدَ اَهْلِ زَمَانِه. يعني ۽ اوهان تي سلامتي هجي، اي پنهنجي زماني وارن جا سردار! (قلائدالجواهر ص 39، مصر)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى وفات

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ڪان پوءِ به پنهنجي مزارن ۾ زنده ۽ حيات رهن ٿا جيئن ته حضرت سيِّدُنا اِمام احمد بن حنبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجي قبر انور مان نڪري ڪري حضرت سيِّدُنا غوثِ اعظم دستگير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان ياڪر پاتو ۽ حضرت سيِّدُنا معروف ڪَرخي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جن پنهنجي روضي مبارڪ مان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سلام جو اهڙي طرح جواب ڏنو جو ٻاهر ٻُڌڻ ۾ آيو.

جو ولی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے
سب ادب رکھتے ہیں دل میں مرے آقا تیرا

## ”المدد يا غوث“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان مزارن جي باري ۾ 10 مدني گل

## مزارن تي حاضري جو طريقو

(1) اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي مزارات پاڪ تي حاضر ٿيڻ مهل پيراندي (يعني پيرن) جي طرف کان وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار هٿن جي فاصلي تي مُواجَهَ (يعني چهري جي سامهون) بيهي ۽ مُتَوَسّط (يعني وِچولي) آواز ۾ (هِن طرح) سلام عرض ڪري: اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ يَاسَيِّدِیْ وَرَحمَةُ اللّٰهِ وَبَرَکَاتُهٗ، پوءِ دُرود غوثيه ٽي دفعا الحمد شريف هڪ دفعو، اٰيَةُالْکُرسِيِ هڪ دفعو، سُوْرَةُالْاِخْلَاص ست دفعا، پوءِ ”دُرود غوثيه“ ست دفعا ۽ وقت هجي ته سوره يٰسين ۽ سوره مُلڪ به پڙهي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ کان دُعا ڪري ته الٰهي عَزَّوَجَلَّ! هِن قراءَت جو مون کي ايترو ثواب ڏي جيڪو تنهنجي ڪرم

فرمانِ مصطفےٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

جي قابل آهي، نه اوترو جيڪو منهنجي عمل جي قابل آهي. ۽ اِنهي کي منهنجي طرف کان هِن مقبول ٻانهي کي ايصال ثواب پهچاءِ، پوءِ پنهنجو جيڪو جائز شرعي مقصد هجي اُنهي جي لاءِ دُعا ڪري ۽ صاحبِ مزار جي روح کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پنهنجو وسيلو قرار ڏي. پوءِ انهيءَ طرح سلام ڪري واپس اچي. (فتاوٰي رضويه مُخرَّجه، ج 9، ص 522) **دُرود غوثيہ:** اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَاٰلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ

(مدني پنج سوره ص 260)

## مزارن جي زيارت سنّت آهي

(2) اسان جا پيارا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهداءِ اُحُد عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مبارڪ قبرن جي زيارت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ۽ اُنهن جي لاءِ دُعا فرمائيندا هئا.

(مُصَنَّف عَبدالرَّزاق ج 3، ص381، رقم 6745، تفسير دُرّ مَنثور ج 4، ص 640)

## اَوليائن جي مزارن مان نفعو ملي ٿو

(3) فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: اولياءِ ڪرام ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ تعالي جن جي پاڪ مزارن جي زيارت تي وڃڻ جائز آهي، هُو پنهنجي زائر (يعني مزار تي حاضر ٿيڻ واري، زيارتي) کي نفعو پهچائن ٿا. (رَدُّالمُختار ج 3، 178)

## قبر کي نه چُميو

(4) مزار شريف يا قبر جي زيارت جي لاءِ ويندي رستي ۾ فضول ڳالهين ۾ مشغول نه ٿيو. (ايضاً) قبر کي چُمي نه ڏيو، نه

قبر تي هٿ لڳايو. (فتاوٰي رضويه مُخرَّجه، ج 9، ص 522، 526) **بلڪ** قبر کان ڪجهه فاصلي تي بيهي رهو.

## شهداءِ ڪرام جي مزارن تي سلام جو طريقو

(5) شهداءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جن جي مزارات طاهرات جي زيارت جي وقت هن طرح سلام عرض ڪجي: سَلَامٌ عَلَيۡكُمۡ بِمَا صَبَرۡتُمۡ فَنِعۡمَ عُقۡبَى الدَّارِ ترجمو: توهان تي سلامتي هجي، توهان جي صبر جي بدلي، ته آخرت چا ئي سنو گهر آهي. (فتاوٰي عالمگيري، ج 5، ص 350)

## مزار تي چادر چڙهائڻ

(6) بُزرگانِ دين ۽ اولياءُ ۽ صالحين رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جي مزارات پاڪ تي غِلاف (يعني چادر) وجهڻ جائز آهي. جڏهن ته مقصد هي هجي ته صاحبِ مزار جي وَقعَت (يعني عزت و عظمت) عوام جي نظر ۾ پيدا ٿئي. اُنهن جو ادب ڪريو، اُنهن جون برڪتون حاصل ڪريو. (رَدُّالمُختار ج 9، 599)

## مزار تي گنبذ ٺاهڻ

(7) قبر کي پُختو (يعني پڪو) نه ڪرڻ بهتر آهي، عام مسلمان جي قبر جي چوڌاري بنا ڪنهن صحيح مقصد جي عمارت ٺاهڻ جي شرعاً اجازت ناهي، جو هي مال ضايع ڪرڻ آهي. البت اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي مزارن جي چوڌاري سُني سني نيتن سان عمارت ۽ قُبو ٺاهڻ جائز آهي. فتاويٰ رضويه جلد 9 (مُخرَّجه)، صفحي 418 ”ڪَشۡفُ الۡغِطاء“ ۾ آهي ”مَطالبُ المؤمنين“ ۾ لکيل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

آهي ته سَلَفَ (يعني اڳوڻي دور جي بزرگن) مشهور عُلمائن ۽ مشائخن جي قبرن تي عمارت ناهڻ مُباح (يعني جائز) رکيو آهي ته جيئن ماڻهو زيارت ڪن ۽ ان ۾ ويهي ڪري آرام ڪن، پر جيڪڏهن زينت (يعني خوبصورتي ۽ نُمائش) لاءِ ناهيو ته حرام آهي. مدينه منور ۾ صحابه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي قبرن تي اڳوڻي زماني ۾ قُبا (يعني گنبذ) تعمير ڪيا ويا آهن، ظاهر هي آهي ته اُن وقت جائز قرار ڏيڻ سان ئي اِهو ٿيو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرقدِ اَنوَر (يعني مزار پاڪ) تي به هڪ بُلند قُبو (عظيم سبز سبز گنبذ شريف) آهي.

## مزارن تي چراغان ڪرڻ

(8) جيڪڏهن ميڻ بتيون (شمعون) روشن ڪرڻ مان فائدو ٿيو جو قبرن جي وچ ۾ (سائيډ ۾) مسجد آهي يا قبرون راهه (يعني رستي ۾) آهن يا اُتي ڪو شخص ويٺو آهي يا مزار ڪنهن وليُّ الله يا محقق عالمن مان ڪنهن عالم جي آهي. اُتي ميڻ بتيون روشن ڪريو، اُنهن جي رُوح مبارڪ جي تعظيم جي لاءِ جيڪا پنهنجي جسم جي مٽي تي اهڙي تجلّي وجهي رهي آهي جيئن سج زمين تي، ته جيئن اِنهي روشني (يعني لائٽنگ) ڪرڻ سان ماڻهو ڄاڻن ته هي ولي جي مزار پاڪ آهي ته جيئن انهن کان برڪتون حاصل ڪن ۽ اُتي الله عَزَّوَجَلَّ کان دُعائون گُهرن ته جيئن انهن جي دُعا قبول ٿئي ته هي طريقو جائز آهي. هن کان بلڪل

ڪا بہ منع ناهي ۽ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي .
(فتاويٰ رضويه مُخَرَّجه ج 9 ص 490 اَلْحَدِيْقَةُ النَّدِيَّة ج 2 ص 630)

## قبر جو طواف

(9) تعظيم جي نيت سان قبر جو طواف ڪرڻ حرام آهي.
(بهارِ شريعت ج1، ص 850)

## قبر کي سجدو ڪرڻ

(10) قبر کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن عبادت جي نيت سان هجي تہ ڪُفر آهي. (ماخوذ از: فتاويٰ رضويه ج 22، ص 423)

## قبر ۾ قرآن پڙهڻ وارو نوجوان

ابُوالنَّضر نيشاپوري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي جيڪو هڪ متقي قبرون کوٽيندڙ هئا، فرمائن ٿا: مون هڪ قبر کوٽي، پر اُنهي مان بِي قبر ڏانهن رستو نڪري آيو تہ مون ڏٺو تہ بهترين لباس پاتل ۽ بهترين خوشبو سان معطّر هڪ حسين و جميل نوجوان هن ۾ پلٿي ماري وينو قرآن شريف پڙهي رهيو آهي. نوجوان منهنجي طرف ڏسي ڪري فرمايو: ڇا قيامت اچي ويئي؟ مون چيو نہ، فرمائن جتان مِٽي هٽائي هئي اُتي رکي ڇڏ، تہ مون مِٽي اُتي ئي رکي ڇڏي.
(شَرحُ الصُّدُور ص، 192)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرؤ! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نبين، ولين ۽ خاص نيڪ بندن (ٻانهن) جي جسمن کي قبرن ۾ بہ سلامت رکندو آهي ۽ ڪيترن ئي انعام و اڪرام سان مالا مال ڪندو آهي. هي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

حضرات پنهنجي مزارن ۾ بہ عبادتن جون لذّتون ماڻين ٿا ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پيارن جي مزارن کي خُوب خوشبوئن سان مهڪائي ٿو ۽ ماڻهن جي ترغيب جي لاءِ ڪڏهن عام ماڻهن تي ان جو اظهار بہ فرمائيندو آهي.

دُنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت
پیارے پڑھوں نہ کیوں کر تم پر سلام ہردم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿15﴾ مهڪندڙ قبر

حضرت سيّدُنا امام ابن ابي الدُّنيا رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن حضرت سيّدُنا مُغِيره بن حَبيب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان روايت ڪئي تہ هڪ قبر مان خوشبوئون اينديون هيون. ڪنهن صاحبِ قبر کي خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيو: هي خوشبوئون ڪهڙيون آهن؟ جواب ڏنائين: تلاوت قرآن شريف ۽ روزي جون.

(ڪتاب التهجد و قيام الليل رقم 287، ج1، ص 305)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو قرآن ڪريم جي تلاوت، روزي ۽ عبادت ۾ تمام گهڻي برڪت آهي، ۽ ربُّ العزّت پنهنجي رحمت سان پنهنجي عبادت گذار ٻانهن جي قبرن کي خوشبوئن سان مهڪائيندو آهي.

کیا مہکتے ہیں مہکنے والے
بُو پہ چلتے ہیں بھٹکنے والے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## ﴿16﴾ ڪاٽو مُڙدو

هڪ بُزرگ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: منهنجو هڪ پاڙيسري گمراهي جون ڳالهيون ڪندو رهندو هو، ان جي مرڻ ڪانپوءِ مون هُن کي خواب ۾ ڏٺو تہ ڪاٽو آهي. مون پڇيُو هي ڇا معاملو آهي؟ جواب ڏنو: مون صحابہ ڪرام (عليهم الرضوان) جي مبارڪ شان ۾ ”عيب“ ڪڍيا، اللہ عَزَّوَجَلَّ مون کي ”عيب دار“ ڪري ڇڏيو! اِهو چئي هُن پنهنجي ڦوڙيل اک تي هَٿ رکي ڇڏيو.(شَرحُ الصُّدُور ص، 280)

## هر صحابي قطعي جنتي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**! هِن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جي شانِ عظمت نشان ۾ نڪتہ چيني (اعتراض) ڪرڻ بيحد خطرناڪ آهي. انهن عالي مرتبي وارن جي باري ۾ زبان تہ زبان پر دل ۾ بہ ڪا بُري ڳالھ نہ آڻڻ گهرجي. دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد اوّل صفحو 252 تي صدرُالشريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: سڀ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڀلائي ۽ تقويٰ وارا آهن ۽ عادل (يعني انصاف وارا) انهن جو جڏهن تذڪرو ڪيو وڃي تہ خير (يعني ڀلائي) ئي سان ڳڌ هئڻ فرض آهي. وڌيڪ اڳتي هلي ڪري صفحي 254 تي فرمائن ٿا: سيئي صحابہءِ ڪرام اعليٰ و ادنيٰ (۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪير ناهي)

سڀ جنّتي آهن، اُهي دوزخ (۾ داخل ته ڇا تيندا اُن) جي ڀِڙڪ (يعني نَنڍڙو آواز به) نه ٻڌندا ۽ هميشه پنهنجي دل گهُرين مُرادن ۾ رهندا، مَحشر جي اُها وڏي گهبراهٽ اُنهن کي غمگين نه ڪندي، ملائڪ اُنهن جو استعمال ڪندا ته هي آهي اُهو ڏينهن جنهن جو توهان سان واعدو هو. اِهو سڀ مضمون قرآن مجيد جو ارشاد آهي. عاشقِ صحابهء و اهلبيت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا.

اہلسنّت کا ہے بیڑا پار اصحابِ حُضور
نجم۱ ہیں اور ناؤ۲ ہے عترت۳ رسول اللہ کی

## ﴿17﴾ پراَسرار کوهه جو قيدي

شَيبان بن حسن جو بيان آهي: منهنجا والد صاحب ۽ عبدالواحد بن زيد هڪ جهاد ۾ تشريف ڪٺي ويا، اُنهن هڪ پُراَسرار کوهه ڏٺو جنهن مان آواز اچي رهيا هئا! اندر نظر وڌي، ته ڇا ٿا ڏسن ته هڪ شخص تخت تي ويٺو آهي ۽ ان جي هيٺ پاڻي آهي، انهن پڇا ڪئي: جِنّ آهين يا انسان؟ جواب ڏنائين: انسان، پُڇيائون: ڪٿي جو رهڻ وارو آهين؟ چيائين: اَنطاڪيه جو، منهنجو قِصو هي آهي ته منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي وفات ڏئي ڇڏي ۽ هاڻي مون کي هِن کوهه ۾ قرض ادا نه ڪرڻ جي ڪري قيد ڪيو ويو آهي. "اَنطاڪيه" جا ڪجهه ماڻهو منهنجو سنو تذڪرو ته ڪن ٿا، پر منهنجو قرضو نٿا چُڪائين. اهڙي

طرح هي ٻئي (يعني منهنجو والد صاحب ۽ اُن جو ساٿي) ”انطاڪيہ“ ويا ۽ (معلومات حاصل ڪري) اُنهي پُراسرار ڪوھ جي قيدي جو قرض چُڪائي واپس اُنهي ئي جڳهہ تي آيا، تہ اُتي هاڻي اُهو شخص نہ هو، نہ ئي ڪوھ! هي ٻئي حضرات اُنهي پُراسرار ڪوھ واري جڳهہ تي جڏهن رات جو سُتا تہ خواب ۾ اهو ئي شخص آيو ۽ هُن چيو: جَزَاكُمَا اللّٰهُ عَنِّيْ خَيْرًا (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان ٻنهي کي منهنجي طرف کان بهترين بدلو ”صِلو“ ڏي) منهنجو قرض ادا ٿيڻ کان پوءِ منهنجي پَرْوَرْدگار عَزَّوَجَلَّ مون کي جنّت جي فلاڻ حصي ۾ داخل فرمائي ڇڏيو آهي. (شَرحُ الصُّدُور ص،267)

## قرضدار شهيد بہ جنّت ۾ نہ ويجي سگهندو جيستائين جو...

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! ”قرض“ تمام وڏو بار آهي، جيڪي ماڻهو قرض جي ادائگي ۾ ٽال مٽول ڪن ٿا اُنهن کي بيان ڪيل حڪايت کان ڏجي وجڻ کپي ۽ قرضدار (يعني جنهن کان قرض ورتو آهي اُن) کي پاڻ وٽ ڍِڪا کارائڻ بدران، پاڻ اُن وٽ وڃي ڪري شڪريي (مهرباني) سان گڏ اُنهي جو قرض ادا ڪرڻ گهرجي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڄاڻي واڻي ”اج سڀاڻي“ ڪندي موت اچي وڃي ۽ قبر ۾ جان ڦاسي پوي. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي اُنهي ذات جي قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي

راھ ۾ قتل ڪيو وڃي پوءِ زندھ ٿئي وري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ قتل ڪيو وڃي وري زندھ ٿئي ۽ اُن جي ذمّي قرض ھجي تہ ھُو جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو ايستائين جو اُن جو قرض ادا ڪيو وڃي. (مُسند اِمام احمد ج 7، ص 348، حديث 22556) ڪو مسلمان قرضدار گذاري وڃي تہ عزيزن کي گھرجي تہ فوراً اُن جو قرض ادا ڪري ڇڏين تہ جيئن مرحوم لاءِ قبر ۾ آساني ٿئي. **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: بيشڪ تنھنجو ساٿي جنّت جي دروازي تي پنھنجي قرض جي سبب روڪيو ويو آھي جيڪڏھن تون چاھين تہ اُنھي جو قرض پورو ادا ڪر ۽ جيڪڏھن چاھين تہ اُنھي (يعني وفات ڪندڙ قرضدار کي) عذاب جي حوالي ڪري ڇڏ. (اَلْمُستَدرَڪ لِلحاڪِم ج 2، ص 322، حديث 2260/61)

## جنازي نماز کان پھرين اعلان جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڇا ئي سٺو ھجي جو جنازي جي نماز کان پھريان امام صاحب يا ڪو اسلامي ڀاءُ ھِن طرح اعلان فرمائي: مرحوم جا مٽ مائٽ، دوست، عزيز توجھ فرمائن، مرحوم جيڪڏھن زندگي ۾ ڪڏھن اوھان جي دل آزاري يا حق تلفي ڪئي ھجي تہ ھن کي معاف ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مرحوم جو بہ ڀلو ٿيندو ۽ اوھان کي بہ ثواب ملندو. اوھان جو جيڪڏھن مرحوم تي قرض ھجي ۽ اُھو معاف ڪري ڇڏيندا تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوھان جو بہ بيڙو پار ٿيندو. اِنھيءَ کان پوءِ اِمام

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ڪيا ويندا.

صاحب نيّت ۽ جنازي نماز جو طريقو ٻہ ٻُڌائي.

وقت پر قرضہ ادا کردو پِھرو مت قول سے
جھوٹ مت بولو بچو بے کار ٹالم ٹول سے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿18﴾ قبر ۾ اڪيون ڪولي ڇڏيون

حضرتِ سيّدنا ابو علي علیہ رحمۃ اللہ الولي فرمائن ٿا: مون هڪ فقير (يعني الله جي نيڪ ٻانهي) کي قبر ۾ لاٿو، جڏهن ڪفن ڪوليو ۽ اُن جو مٿو مٽي تي رکي ڇڏيو جو الله تعاليٰ هُن جي غُربت (يعني بيڪسي) تي رحم ڪري، فقير اڪيون ڪولي ڇڏيون ۽ مون کي فرمايو: اي ابو علي! تون مون کي اُن (ڪريم ربّ) جي سامهون ذليل ڪرين ٿو جيڪو مون تي خاص ڪرم فرمائي ٿو! مون عرض ڪئي: اي منهنجا سردار! ڇا موت کان پوءِ زندگي آهي؟ فرمايو: بَلْ اَنَا حَيٌّ وَّكُلُّ مُحِبِّ اللّٰهِ حَيٌّ لَاَنْصُرَ نَّكَ بِجَاهِي غَدًا (آئون زنده آهيان ۽ خدا جو هر پيارو زنده آهي، بيشڪ اُهو مرتبو ۽ عزّت جيڪا مون کي قيامت جي ڏينهن ملندي اُنهي سان آئون تنهنجي مدد ڪندس) (فتاوٰي رضويه ج 9، ص 433)

## اولياءِ وفات کان پوءِ ٻہ زنده هوندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو اولياءِ ڪرام ۽ شهداءِ عظام رحمھم اللہ السّلام پنهنجي قبرن ۾ زنده هوندا آهن ۽ سڀ ڪجھ ملاحظ ڪري رهيا هوندا آهن. اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

علامہ ملا علي قاري عَلَيهِ رَحمَۃُ اللہِ القوي شرحِ مشڪواة ۾ لکن ٿا: اولياءَ الله جون ٻئي حالتون (يعني زندگي ۽ موت) ۾ اصلاً (يعني ڪنهن قسم جو ڪو بہ) فرق ناهي انهي لاءِ چيو ويو آهي تہ هُو مرن نٿا بلڪ هڪ گهر کان ٻئي گهر ۾ تشريف کڻي ويندا آهن.

(فتاوٰي رضويہ مُخرجہ ج 9، ص 433 مِرقاةُ المَفاتِيح ج 3، ص 459 تحت الحديث 1366)

کون کہتا ہے ولی کو، مر گئے
قید سے چھوٹے وہ اپنے گھر گئے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿19﴾ جڏهن مينهن جو پير زمين ۾ ڦاٿو.....

قبرستان جو سُڪل گاهہ ڪٽي کڻي وڃڻ جائز آهي، پر جانورن کي قبرن تي هلائڻ، چرائڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَۃُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا هن فقير (يعني اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلَيه) غَفَرَاللّٰهُ تَعَالٰى لَهٗ (الله تعاليٰ هن جي مغفرت فرمائي) جن (پنهنجي پير ياءُ) حضرت سيّدي ابوالحسن نوري عَلَيهِ رَحمَۃُ اللہِ القوي کان ٻُڌو تہ اسان جي علائقي ۾ "مارهره مُطَهَّره" (هند) جي ويجهو هڪ جنگل ۾ گَنج شهيدان آهي (يعني جنهن ۾ تمام گهڻا شهيد دفن آهن اُنهي اجتماعي قبر جي مٿان هلندو) ڪو شخص پنهنجي مَينهن وٺي وڃي رهيو هو. هڪڙي جڳهہ زمين نرم هئي اوچتو مينهن جو پير (زمين ۾) هيٺ لهندو ويو، معلوم ٿيو هتي قبر آهي، قبر مان آواز آيو: "اي شخص! تو مون کي تڪليف ڏني، تنهنجي مينهن جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ اھو مون تي درود شريف نہ پڙھي.

پير منھنجي ڇاتي تي پيو. (فتاوٰي رضويہ مُخَرَّجہ، ج 9، ص 453)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو شھداءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام حيات ھوندا ۽ قبرن ۾ انھن جا بدن سلامت رھندا آھن.

شہیدوں کو ملی حق سے حیاتِ جاوِدانی ہے
خدا کی رحمتیں، جنّت میں اُن کی میہمانی ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿20﴾ قبر تي ويھڻ واري کي تنبيھ ڪرڻ

عُمارَہ بن حَزْم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي ھڪ قبر تي ويٺي ڏٺو، فرمايائون: او قبر وارا! قبر تان لَھِي اچ، نہ تون صاحبِ قبر کي اذيت ڏي، نہ ھُو توکي. (فتاوٰي رضويہ مُخَرَّجہ، ج 9، ص 434) ھن مدني حڪايت مان اُھي ماڻھو عبرت حاصل ڪن جيڪي جنازي سان گڏ قبرستان وڃن ٿا، ۽ تدفين جي دوران مَعَاذَ الله بنا تَڪَلُّف جي قبرن تي ويھي رھن ٿا.

## ﴿21﴾ قبر تي پير رکيو تہ آواز آيو

(21) حضرت سيّدُنا قاسم بن مُخَيْمَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ڪنھن شخص ھڪ قبر تي پير رکيو، قبر مان آواز آئي: اِلَيْکَ عَنِّيْ وَلَاتُؤْذِنِي پنھنجي طرف ھٽ، (يعني پري ٿي! اي شخص مون وٽان!) ۽ مون کي تڪليف نہ ڏي. (ايضاً ص 452، شرحُ الصُّدُور، ص 301)

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ: جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

## ﴿22﴾ قبر تي سمهڻ واري کي قبر واري چيائين.........

حضرت سيّدُنا ابو قِلابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: آئون ”ملڪِ شام“ کان بصره ايندو هئس، رات جو خندق (يعني کاهي يا کڏ) ۾ لٿس، وُضو ڪيو ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهي. پوءِ هڪ قبر تي مٿو رکي سُمهي رهيس، جڏهن جاڳيس تہ اوچتو ٻڌو تہ صاحبِ قبر شڪايت ڪندي فرمائي تو تہ لَقَدْ اٰذَيْتَنِيْ مَنْذُ اللَّيْلَةِ يعني تو سڄي رات مون کي تڪليف پهچائي. (صاحب قبر وڌيڪ فرمايو:) اسان ڄاڻون ٿا ۽ توکي خبر ناهي. اسان عمل تي قادر نہ آهيون، تو جيڪي ٻہ رڪعتون نماز پڙهي اُها دُنيا وَما فِيهَا (يعني دنيا ۽ اِنهي ۾ جيڪي ڪجهہ آهي) اُنهي کان بهتر آهي، پوءِ هُن (وڌيڪ) چيو تہ اهلِ دنيا کي الله تعاليٰ اسان جي طرف کان جزاءِ خير ڏئي جڏهن اُهي اسان کي ايصالِ ثواب ڪن ٿا تہ اُهو ثواب نور جي جبل وانگر اسان تي داخل ٿيندو آهي.

(فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 452، شَرحُ الصُّدُور، ص 305)

## ﴿23﴾ اُٿ تو مون کي ايذاءِ ڏنو

حضرت سَيّدُنا ابنِ مِينا تابِعي عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ القوِی فرمائن ٿا: آئون قبرستان ۾ ويس، ٻہ رڪعتون پڙهي ڪري هڪ قبر تي ليٽي پيس. خدا جو قسم! آئون بلڪل جاڳي رهيو هئس تہ ٻڌو، صاحبِ قبر چئي رهيو آهي: قُمْ فَقَدْ اٰذَيْتَنِي اُٿ جو تومون کي تڪليف ڏني.

(دَلَائِلُ النُّبُوَّةِ لِلبَيْهَقِي ج 7، ص 40)

## قبر تي پير رکڻ حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حڪايت نمبر: 21-22-23 مان معلوم ٿيو ته قبر تي پير رکڻ يا سمهڻ سان قبر واري کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ بِلا اجازت شَرعي ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏيڻ حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. تنهنڪري ڪنهن مسلمان جِي قبر تي پير نه رکي، نه ڪنهن قبر کي لتاڙي ۽ نه ڪنهن قبر تي ويهي ۽ نه ئي ٽيڪ لڳائي ڇوته ان کان نبي ڪريم، رؤُف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منع فرمايو آهي: ﭘ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) مون کي باهه جي چڻنگ تي، يا تلوار تي هلڻ يا منهنجو پير جوتي ۾ سبجي وڃڻ وڌيڪ پسند آهي اِنهي کان جو آئون ڪنهن مسلمان جي قبر تي هلان. (سُنَنِ اِبن ماجه ج 2، ص250، حديث 1568) (2) هڪ ماڻهو کي باهه جي چڻنگ تي وينو رهڻ ايستائين جو اُها هُن جي ڪپڙي کي ساڙي هُن جي کل تائين پهچي وڃي، ان جي لاءِ ان کان بهتر آهي جو هو قبر تي ويهي. (صحيح مُسلم ص 483 حديث 971)

## قبرن کي ڍاهي، ٺهي ويل رستي تي هلڻ حرام آهي

قبرستان ۾ عام رستي کان وَڃي، جيڪو رستو نئون ٺهيل هجي اُنهي تي نه هلي ”رَدُّالْمُحتار“ ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڍاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هجي اُنهيءَ تي هلڻ حرام آهي. (رَدُّالْمُحتار ج1، ص 612) بلڪ نئين رستي جو صِرف گمان ﭘ هجي تڏهن ﭘ ان تي هلڻ ناجائز و گناهه آهي (رَدُّالْمُحتار ج3، ص 183)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

## مزارن جي چؤطرف قبرون ڊاهي ڪري ٺاهيل فرش تي هلڻ ڦرڻ حرام

ڪيترن ئي اوليائن جي مزارن تي ڏنو ويو آهي ته زيارت ڪندڙن جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون مِسمار ڪري (يعني ڊاهي پٽ ڪري) فرش ناهيو وڃي ٿو، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، ذڪر و اَذڪار ۽ تلاوت جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحه پڙهي وٺو.

## قبر جي ويجهو گندگي ڪرڻ

قبر تي رهڻ لاءِ گهر ٺاهڻ، يا قبر تي ويهڻ يا سمهڻ يا ان تي بَول و براز (يعني پيشاب ڪاڪوس) ڪرڻ اِهي سڀ ڪم اَشَدّ (يعني سخت ترين) مڪروهه ۽ حرام جي ويجهو آهن. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 436) سّيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مُڙدي کي قبر ۾ به اُنهي ڳالهه کان تڪليف ٿئي ٿي جنهن سان گهر ۾ هُن کي تڪليف ٿئي. (اَلْفِردَوس بماثورالْخطاب ج 1 ص 120، حديث 749 دارالفِڪر بيروت)

## ميّت دفنائڻ جي لاءِ قبرن تي پير رکڻو پوي ته؟

قبرستان ۾ ميّت جي لاءِ قبر کوٽڻ يا دفن ڪرڻ وڃڻ چاهيو ٿا. وچ ۾ قبرون حائل (رڪاوٽ) آهن، اِنهي حاجت جي لاءِ اجازت آهي، پوءِ به جيستائين ٿي سگهي بچندا وڃو ۽ اُگهاڙي پيرين هجو، اِنهن مڙدن (يعني قبر وارن) جي لاءِ دعاءِ اِسّتِغفار (يعني مغفرت جون دعائون ڪندا وڃو) . (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 447)

اهڙي موقعي تي صرف اُهي ئي وجن جن کي تدفين ڪرڻي آهي ۽ هڪ ٻه وڏيڪ نہ وڃي. مثلاً خبر هجي تہ ٿي ماڻهو ڪافي آهن تہ چوٿون اتي نہ وڃي ۽ اُهي ٿي بہ جيڪڏهن مجبوراً قبرن تي بيٺا هئا تہ مِٽي وجهڻ کان پوءِ اذان ۽ فاتحہ وغيره جي لاءِ نہ ترسن فوراً موٽي اچن ۽ جتي يقيني طور تي پيرن هيٺان قبرون نہ هجن اهڙي جڳهہ اچي ڪري اذان ۽ فاتحہ جي ترڪيب ڪريو.

## قبرستان ۾ ماڪوڙين کي مٺائي وجهڻ

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ جي صفحي 348 کان 349 تي معلوماتي ”عرض و ارشاد“ ملاحظ فرمايو. **عرض**: مُڙدي (يعني ميّت) سان گڏ مٺائي (کنڊ) قبرستان ۾ ماڪوڙين کي وجهڻ جي لاءِ ڪٽي وڃڻ ڪٿين آهي؟ **ارشاد**: ماني گڏ ڪٽي وڃڻ جو جيئن علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام منع فرمايو آهي ائين ئي مٺائي آهي ۽ ماڪوڙين (اٽو يا مٺائي يا کنڊ وغيره) کي اِنهيءَ نيّت سان وجهڻ تہ جيئن ميّت کي تڪليف نہ پهچائن، اها صرف جهالت آهي ۽ اها نيّت نہ بہ هجي تڏهن بہ انهن بدران (يعني ماڪوڙين کي وجهڻ) جي مسڪينن صالحين (يعني نيڪ ۽ پارسا غريبن) ۾ ورهائڻ بهتر آهي. (پوءِ فرمايائون) گهر ۾ جيتري قدر چاهيو خيرات ڪريو، قبرستان ۾ گهڻو ڪري ڏنو ويو آهي تہ اناج

ورهائڻ وقت ٻار ۽ عورتون وغيره هُل (يعني گوڙ، شور) ڪندا ۽ مسلمانن جي قبرن تي ڊوڙندا ڦرندا آهن.

## قبر تي ٻاٽي چڙڪڻ

شبِ برات ۾ يا ڪنهن بہ حاضري جي موقعي تي ڪجھ ماڻهو پنهنجي عزيزن (مائٽن) جي قبرن تي بلا صحيح مقصد جي صرف رسمي طور تي پاڻي چڙڪيندا آهن، اِهو اسراف ۽ ناجائز آهي، ۽ جيڪڏهن اِهي سمجهن ٿا تہ اِنهيءَ سان ميّت جي قبر ۾ ٿڌاڻ ايندي تہ اِسراف سان گڏوگڏ ڪُلي جهالت بہ آهي، ها ميّت جي تدفين ڪان پوءِ ڇڙڪڻ ۾ ڪو حرج ناهي، بلڪ بهتر آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن قبر تي ٻُوٽا وغيره آهن انهي ڪري پاڻي ڏنؤ تڏهن بہ حرج ناهي. پر هي ياد رهي! پاڻي وجهڻ لاءِ جيڪڏهن قبرن تي پير رکي ڪري وڃڻو پوندو هجي تہ ويندو تہ گنهگار ٿيندو، بلڪ اهڙي صورت ۾ ڪنهن کي اُجرت ڏيئي ڪنهن بي ڪان بہ نہ وجهرائي.

## پراڻي قبرستان ۾ گهر ٺاهڻ ڪئين؟

قبرستان وَقف آهي ۽ وقف ۾ پنهنجي سُڪونت (يعني رهائش) جو گهر ناهڻ ”وقف بي جا“ آهي ۽ ان (يعني وقف) ۾ بنا ڪنهن سبب جي تَصَرُّف حرام آهي. پوءِ جيڪڏهن اُن ايراضي (يعني زمين جي ٽڪڙي، پلاٽ) ۾ قبرون بہ هجن يلي ڪٽي نشان مٽجي ڪري ناپيد (يعني بلڪل غائب) ٿي ويا هجن، پوءِ تہ ڪيترن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ئي حرامن جو مجموعو آهي. (مثلاً ان نظر نه اچڻ وارين) قبرن تي پير رکڻو پوندو، هلڻو پوندو، ويهڻو پوندو، پيشاب ڪاڪوس ڪرڻ به ٿيندو ۽ اِهو سڀ حرام آهي. اِنهي ۾ مسلمانن کي طرح طرح سان تڪليف آهي ۽ مسلمان به ڪير؟ مُرّدا (يعني وفات ڪندڙ) جيڪي شڪايت به نٿا ڪري سگهن. دنيا ۾ عِوض (يعني بدلو يا انتقام) نٿا وٺي سگهن. بنا ڪنهن شرعي سبب جي مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ الله و رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تڪليف ڏيڻ آهي، الله و رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تڪليف ڏيڻ وارو دوزخ جو حقدار آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن قبرستان جي ويجهو گهر ناهيو، ڪاڪوس يا ڏوبين جي غليظ پاڻي جو وهڪرو قبرن تي رکيو ته اهو به سخت حرام آهي ۽ جيڪو باوَصف قدرت (يعني ان کي منع ڪرڻ جي قدرت رکندي به) منع نه ڪري اهو به حرام ڪندڙن ۾ شامل آهي ۽ ڪرايي جي طمع (يعني لالچ ۾) اُنهي کي روَا (يعني جائز) رکڻ، سستي اگهه ۾ دوزخ وٺڻ (يعني سستي اگهه ۾ دوزخ خريدڻ) آهي، اهي ڪم اُن شخص جا ٿي سگهن ٿا. جنهن جي دل ۾ نه اسلام جي قدر، نه مسلمانن جي عزت، نه خدا جو خوف، نه موت جي هيبت وَالْعِيَاذُبِاللّٰہِ تَعَالٰی (يعني الله جي پناهه) (فتاويٰ رضويه ج 9، ص 409)

## پراڻي قبر ۾ هڏيون نظر اچن ته........؟

جيڪڏهن برسات يا ڪنهن به سبب سان قبر کُلي وڃي ۽ مُرّدي جون هڏيون وغيره نظر اچڻ لڳن ته اُن قبر کي مٽي سان

بند ڪري ڇڏڻ ضروري آهي. انهي سلسلي ۾ (فتاوٰي رضويه) مان سوال جواب ملاحظ هجن، **سوال**: ڇا فرمائن ٿا علماءِ دين انهيءَ مسئلي ۾ تہ پراڻي قبر جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪان کُلي وڃي يعني اُنهي جي مٿي جدا ٿي وڃي ۽ مڙدي جون هڏيون وغيره ظاهر ٿيڻ لڳن تہ انهي صورت ۾ قبر ڪي مٿي ڏيڻ جائز آهي يا نہ؟ **الجواب**: هن صورت ۾ اُنهي ڪي مٿي ڏيڻ فقط جائز ئي نہ بلڪ واجب آهي جو سِتر مُسلم (يعني مسلمان جو پردو رکڻ) لازم آهي. (فتاوٰي رضويه ج 9، ص 403)

## خواب جي بنياد تي قبر ڪشائي جو مسئلو

ڪڏهن ڪڏهن مُڙدو خواب ۾ اچي بُڌائي ٿو تہ آئون زنده آهيان: مون ڪي ڪيو: يا چوي ٿو: منهنجي قبر ۾ پاڻي پرجي ويو آهي. مون ڪي هِتي پريشاني آهي! منهنجي لاش ڪنهن ٻِي جڳهہ مُنتقل (Transfer) (يعني جاءِ تبديل) ڪري ڇڏيو! وغيره، چاهي بار بار اهڙي طرح جا خواب نظر اچن، خوابن جي بنياد تي ”قبر ڪشائي“ يعني قبر کولڻ جائز ناهي. بالفرض ڪنهن خواب جي بنياد تي يا شرعي اجازت نہ هئڻ جي باوجود قبر کولي ڇڏي ۽ ميّت جو جسم ڪفن ساڻ سلامت نڪتو، خوشبوئون اچن ۽ ٻيون بہ سٺيون نشانيون ڏسجن تڏهن بہ بنا شرعي اجازت قبر ڪشائي ڪرڻ وارا گنهگار ئي رهندا اِنهي سلسلي ۾ (فتاويٰ رضويه) شريف جا ”سوال جواب“ ملاحظ ٿين، **سوال**: اِنهي باري ۾ ڇا فرمائن ٿا تہ هڪ عورت حمل جي پوري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

عرصي بعد حَمل جي حالت ۾ وفات ڪري ويئي، رواج مطابق هُن کي دفن ڪيو ويو، هڪ صالح مرد (يعني نيڪ ماڻهو) خواب ڏٺو تہ هُن عورت کي زنده ٻار پيدا ٿيو آهي. هاڻي ذڪر ڪندڙ شخص جي خواب تي اعتماد ڪندي قبر کوٽي ڪري ٻار کي عورت سان گڏ ڪڍڻ جائز آهي يا نہ؟ **الجواب**: جائز ناهي، پر جيڪڏهن ڪا روشن دليل هجي، پردو محفوظ آهي، ۽ خواب طرح طرح جا هوندا آهن. ”سِراجيه“ وري ”هنديه“ ۾ آهي: هڪ عورت جي حمل کي ست مهينا ٿيا، ٻار هُن جي پيٽ ۾ حرڪت ڪندو هو. اُها مري ويئي ۽ اُنهي کي دفن ڪيو ويو پوءِ هُن کي ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ هُو چوي ٿي مون ٻار ڄڻيو آهي، تہ قبر نہ کوٽي ويندي. والله تعالیٰ أعلم (يعني ۽ خدا بهتر ڄاڻڻ وارو آهي)

(فتاويٰ رضويه مُخرَّجه، ج 9، ص 405، 406)

”مفلوظاتِ اعليٰ حضرت“ مُخرَّجه صفحي 501 کان 503 مان قبر ڪشائي جي متعلق انتهائي اهم ۽ عبرت انگيز ”عرض و ارشاد“ ملاحظ فرمايو: **عرض**: هڪ قبر ڪچي آهي، هر دفعا (برسات وغيره جو) پاڻي پرجي وڃي ٿو، ڇا ان ۾ پڪي ڪاڪ (يعني سوراخ بند ڪرڻ جي ڪا شيءِ) لڳائي ڇڏيون؟ **ارشاد**: قبر تي ڪاڪ وغيره لڳائڻ ۾ حرج ناهي، ها قبر کولي نہ وڃي. ميّت کي دفن ڪري جڏهن مِٽي ڏني وئي تہ هُو الله (عَزَّوَجَلَّ) جي ”امانت“ ٿي وڃي ٿو، ان جو ڪَشف (يعني کولڻ) جائز ناهي (ڇو تہ قبر ۾ مڙدو) ٻن حالتن کان خالي نہ هوندو (يا تہ) مُعَذَّب (يعني عذاب ۾) آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

يا **مُنعَم عَليہ** (يعني نعمت ۾ آهي) جيڪڏهن **مُعَذَّب** ته ڏسڻ وارو ڏسندو هن ڪي جنهن سان هُن ڪي (يعني پاڻ ڏسڻ واري ڪي) غم تيندو ۽ ڪري ڪجهه نه سگهندو، ۽ جيڪڏهن **مُنعَم عَليہ** (يعني نعمت ۾) آهي ته هن ۾ هُن (يعني ميّت) جي ناپسنديدگي آهي.

## قبر تي بار بار اندر روند ڪندا آهن

مفلوظات اعليٰ حضرت جا مُؤلِّف (يعني ترتيب ڏيڻ وارا) شهزادا اعليٰ حضرت، تاجدارِ اهلسنّت، حضور مفتيءِ اعظم هند، حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ارشاد جي حوالي سان حاشيي ۾ فرمائن ٿا: فقير چوي ٿو ته جيڪڏهن صورت مَعَاذَ الله صورتِ اُوليٰ (يعني عذاب وارو معاملو) آهي ته ناگواري اجا به وڌيڪ هئڻ گهرجي ۽ بنا ڪنهن سبب جي مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ حرام (۽) خاص ڪري ميّت کي تڪليف، ۽ حديث جي ارشاد مان ثابت آهي ته ”مُڙدي کي قبر سان وهاڻو (يعني ٽيڪ) لڳائڻ سان به تڪليف ٿيندي آهي،“ ته مَعَاذَالله صِرف پنهنجي خواهش جي لاءِ نه ڪنهن ضرورت ۽ حاجت جي لاءِ اُنهي تي ڪوڏر هلائڻ ۽ قبر کي کوٽڻ ڪيتري قدر سخت تڪليف جو سبب ٿيندو! آهه مسلمانن جي قبرستانن جي اڄ جيڪا خراب حالت آهي انهي تي جيتريقدر به رُئو وڃي گهٽ آهي. قبر تي ماڻهو ويهي ڪري حُقّو پئيندا: خرافات ڪندا، لَغو (يعني بيڪار، فضول) ڳالهيون ڪندا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

آهن، گاريون ڏيندا، ڪِل، مذاق مسخري ڪندا آهن. ڏارئي قوم جا ئي ماڻهو نه بلڪ خود مسلمان به اِهي نازيبا (بداخلاق) ۽ بيهوده حرڪتون ڪن ٿا. ٻار قبرن تي وجي راند روند ڪن ٿا، بلڪ گڏهه گيلاٽيون ڪائيندا، ان تي لِڏ لاهيندا آهن، ٻڪريون وجي قولڙيون لاهين ٿيون. وَلاحَوْلَ وَلا قُوَّةَ اِلاَّ بِاللهِ مسلمانؤ! خدا جي لاءِ اکيون کوليو! هڪ ڏينهن توهان کي به (دنيا مان) وڃڻو آهي. انهن مُڙدن جي خاطر ڪجهه انتظام نٿا ڪريو (ته) پنهنجي لاءِ ئي ڪريو.

## ﴿24﴾ قبر کولڻ وارو انڌو ٿي ويو!

بِنا شرعي اجازت جي قبر کشائي (يعني قبر کولڻ) جو خطرناڪ انجام دنيا ۾ به ڏسي سگهجي ٿو، جيئن ته ملفوظات اعليٰ حضرت صفحي 502 تي آهي علامه طاش ڪُبريٰ زاده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هي حديث ڏني ته ديني عالمن جي جسم کي مِٽي نٿي کائي. انهن جو جسم سلامت رهي ٿو. شيطان هُن جي دل ۾ وسوسو وِڌو ته اسان جو اُستاد تمام وڏو عالم آهي اُنهي جي قبر کولي ڏسان ته اُنهي جو جسم ڪهڙي حال ۾ آهي! اِنهي وسوسي اُنهن تي ايترو ته غلبو ڪيو جو هڪ رات ۾ وڃي قبر کوليائين، ڏٺائين ته ڪفن به ميرو نه هو، جڏهن ڏسي ورتائين ته قبر مان آواز آيو: "ڏسي ورتو! اللهعَزَّوَجَلَّ توکي انڌو ڪري" اُنهي ئي وقت اکيون هليون ويون (يعني نابين ٿي ويا)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

## ﴿25﴾ قبر کولڻ وارو زندهه دفن ٿي ويو

اهڙي طرح ناجائز طور تي قبر ڪشائي ڪرڻ وارو هڪ بي شخص جو دردناڪ انجام ملاحظ ٿئي جيئن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ عورت جي وفات تي دفن ڪيو ويو. هن جي مُڙس کي ان سان گهڻي محبت هئي، محبت مجبور ڪيو ته هِن جي قبر کولي ڪري ڏسان، ڪهڙي حال ۾ آهي! هڪ عالم سان اِهو ارادو ظاهر ڪيائين اُنهن منع ڪيو، نه مڙيو ۽ هُن کي قبرستان تائين گڏ وٺي ويو، عالم هر هر منع ڪيو پر هُن قبر کوليائين، عالم صاحب قبر جي ڪناري وينا رهيا، هُو هيٺ لٿو ڏٺائين ته هُن عورت جا ٻئي پير پويان ڪري هُن جي چوٽي سان ٻڌي ويا آهن. هُن چاهيو ته کولي ڇڏيان هر طرح جي طاقت لڳائي پر نه کولي سگهيو. الله عَزَّوَجَلَّ جي لڳايل ڳنڍ ڪير کولي سگهي! هُن عالم صاحب منع فرمايو، نه مڃيو ٻيهر وري زور لڳائين، عالم صاحب وري منع ڪيو ته ڏس اِنهي ۾ ئي ڀلائي آهي، هن کي ائين رهڻ ڏي، هُن چيو: هڪ دفعو ته وري زور لڳائي وٺان، پوءِ جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو. زور لڳائي ئي رهيو هو، آخرڪار زمين ڏبجي وئي ۽ هُو (زندهه) مرد ۽ مڙدا عورت ٻئي زمين ۾ هليا ويا. وَالْعِيَاذُ بِاللهِ تَعَالٰى

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 503،502)

نہ پیدا ہو ضد اور رہے ہر گھڑی سَر  مرا حکم شرعی پہ خم یاالٰہی
ترے قہر سے میں اَماں چاہتا ہوں  تُو دے عافیت کرکرم یاالٰہی

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنھن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

بسر زندگی میری نیکی کی دعوت
میں ہو، نکلے طیبہ میں دم یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَمانَتاً دفن ڪرڻ جو مسئلو

ڪجهه ماڻهو ٻين شهرن ۾ وفات ڪري ويندا آهن، ته اُنهن کي عارضي طور تي امانتاً دفن ڪيو ويندو آهي، پوءِ موقعي جي مناسبت سان ڪڍي ڪري اُنهن جي اَباڻي ڳوٺ وغيره ۾ وني وڃي ڪري تدفين ڪن ٿا هي ناجائز آهي. اهڙي طرح جي هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هي حرام آهي، دفنائڻ کان پوءِ (قبر) کولڻ جائز ناهي. (فتاويٰ رضويه ج 9، ص 406)

## ڪنهن جي پلاٽ تي بنا اجازت جي دفن ڪرڻ

جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن جي پلاٽ يا ٻني وغيره ۾ مالڪ جي اجازت کان بغير دفن ڪري ڇڏين ته مالڪ کي اختيار آهي ته ميّت کي ڪيرائي ڇڏي يا زمين کي برابر ڪرائي اُنهي تي پوک يا تعميرات وغيره جيڪو چاهي ڪري. جيئن فُقهَاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: مِٽي وجهڻ کان پوءِ ميّت کي قبر مان نه ڪڍيو وڃي، پر ڪنهن ماڻهو جي حق جي سبب مثلاً هي ته زمين بغير اجازت جي استعمال ڪئي ويئي هجي ۽ مالڪ کي اختيار هوندو ته مڙدي کي ٻاهر ڪڍي يا قبر زمين جي برابر

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ڪري ڇڏي. (دُرمختار ج3، ص 170) منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهه اِمام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هڪ سوال جي جواب ۾ اِنهي ئي طرح جو مسئلو تحرير ڪرڻ کان پوءِ پلاٽ جي مالڪ کي نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمائن ٿا: هي اصل فِقهي حڪم آهي (يعني شرعاً اجازت تہ آهي) پر مسلمان نرم دل ۽ ہي مسلمان (تي ۽) خاص ڪري ميّت تي رحمدل هوندو آهي. قَالَ اللهُ تعاليٰ (يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو): رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ (پ 26 الفتح: 29) (ترجمو ڪنزالايمان: پاڻ ۾ نرم دل) جيڪڏهن هُو درگذر ڪندو (۽ ناجائز طور تي دفن تي ويل ميّت کي پنهنجي زمين ۾ رهڻ ڏيندو تہ) الله هُن (پلاٽ جي مالڪ) جي خطائن (غلطين) کان درگذر فرمائيندو.

اَلَا تُحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّغۡفِرَاللّٰهُ لَكُمۡ ترجمو ڪنزالايمان: ڇا توهان ان کي دوست نٿا رکو تہ الله توهان جي بخشش ڪري (پ 18 النور: 22) جيڪڏهن هُو پنهنجي مرحوم ڀاءُ تي احسان ڪندو الله عَزَّوَجَلّ هِن تي احسان ڪندو كَمَا تَدِيۡنُ تُدَانُ (يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي) جيڪڏهن هُو پنهنجي مرحوم ڀاءُ جو پردو فاش (يعني ظاهر) نہ ڪندو الله عَزَّوَجَلّ هُن جي پرده پوشي ڪندو مَنۡ سَتَرَ سَتَرَهُ اللّٰهُ (يعني جيڪو ڪنهن جي پرده پوشي ڪندو خدا هُن جي پرده پوشي ڪندو) جيڪڏهن هُو پنهنجي مرحوم ڀاءُ جي قبر جو احترام ڪندو الله عَزَّوَجَلّ هِن جي زندگي ۽ موت ۾ هِن کي احترام بخشيندو. اَللّٰهُ فِيۡ عَوۡنِ الۡعَبۡدِ مَا كَانَ الۡعَبۡدُ فِيۡ عَوۡنِ اَخِيۡهِ (الله عَزَّوَجَلّ ٻانهي جي مدد فرمائي ٿو جيستائين ٻانهون پنهنجي

ڀاءُ جي مدد ڪري ٿو) واللّٰهُ تعالٰی اَعلم. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 380،379)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ميّت سان گڏ مال دفن ٿي ويو، ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ڪنهن جي رقم وغيره ميّت سان گڏ دفن ٿي ويئي تہ اُنهي کي ڪڍڻ جي لاءِ قبر کولڻ جي اجازت آهي جيئن تہ فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: عورت کي ڪنهن وارث زيور سميت دفن ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهہ وارث موجود نہ هئا اُنهن وارثن کي قبر کوٽڻ جي اجازت آهي. ڪنهن جو ڪجهہ مال قبر ۾ ڪِري پيو، مِٽي ڏيڻ کان پوءِ ياد آيو تہ قبر کوٽي ڪري ڪڍي سگهن ٿا جيتوڻيڪ اُهو هڪ ئي دِرهم هجي.

(فتاوٰي عالمگيري ج 1، ص 167)

## "قُبر جي زيارتِ سنّت آ" جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان 14 مدني گُل

﴿1﴾ مسلمانن جي قبرن جي زيارت سنّت ۽ مزاراتِ اولياءِ ۽ شهداءِ عُظّام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جن جي حاضري تمام وڏي سعادت ۽ اُنهن کي ايصالِ ثواب مَندوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب (آهي)

(فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9 ، ص 532)

## قبرستان ۾ سلام ڪرڻ جو طريقو

﴿2﴾ اهڙي طرح بيهو جو قبلي جي طرف پُٺ ۽ قبروارن جي چهرن جي طرف منهن هجي ان کان پوءِ ترمذي شريف ۾ بيان ڪيل هي سلام چئو: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

اَنْتُمْ سَلَفُنَاوَ نَحْنُ بِالْاَثَر. ترجمو: اي قبر وارو! توهان تي سلامتي هجي، الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ۽ اسان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون.

(ترمذي ج 2، ص 329، حديث 1055)

## اَربين مرحومن کان دعاءِ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ورد

﴿3﴾ جيڪو قبرستان ۾ داخل ٿي هي دعا پڙهي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْاَجْسَادِ الْبَالِيَةِ وَالْعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِیْ خَرَجَتْ مِنَ الدُّنْيَا وَهِیَ بِکَ مُؤْمِنَةٌ اَدْخِلْ عَلَيْهَا رَوْحًا مِّنْ عِنْدِکَ وَسَلَامًا مِّنِّیْ۔ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! (اي) ڳري وڃڻ وارن جسمن ۽ پراڻين هڏين جا ربّ! جيڪي دنيا مان ايمان جي حالت ۾ ”لاڏاڻو ڪري ويا تون اُنهن تي پنهنجي رحمت فرما ۽ اُنهن کي منهنجو سلام پهچائي ڇڏ، تہ (حضرت سَيِّدُنا) آدم عَلَيْهِ السَّلام کان وٺي ڪري هِن (دُعا جي پڙهڻ) وقت تائين جيترا بہ مؤمن وفات ڪري ويا سڀ اُن (يعني دُعا پڙهڻ) واري جي لاءِ مغفرت جي دُعا ڪندا.

(شَرحُ الصُّدُور، ص 226)

﴿4﴾ جيڪڏهن قبر جي ويجهو ويهڻ چاهيو تہ صاحبِ قبر جي مرتبي کي ذهن ۾ رکي ڪري با ادب ويهي رهو.

(رَدُّالْمُحتار ج 3، ص 179)

## قبرن جي زيارت جا افضل وقت

﴿5﴾ قبرن جي زيارت جي لاءِ هي چار ڏينهن بهتر آهن. سومر، خميس، جمعة المبارڪ ۽ ڇنڇر (فتاويٰ عالمگيري ج 5، ص 350)

﴿6﴾ جمعي جي ڏينهن صُبح جي نماز کان پوءِ قبرن جي زيارت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

افضل آهي. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 523)

﴿7﴾ رات جو اڪيلي قبرستان نہ وڃڻ گهرجي. (اَيضاً)

﴿8﴾ مُتَبَرِّڪ (يعني برڪت واري) راتين ۾ قبرن جي زيارت افضل آهي. خاص ڪري شبِ برات. (فتاوٰي عالمگيري ج 5، ص 350)

﴿9﴾ اهڙي طرح مُتبرّڪ (يعني برڪت واري) ڏينهن ۾ بہ قبرن جي زيارت افضل آهي. مثال طور عيدون (يعني عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ (بقر عيد)، 10 محرم الحرام ۽ عشرهءِ ذي الحجّ (يعني ذي الحجّ جا پهريان 10 ڏينهن) (اَيضاً)

## قبر تي اگربتي ٻارڻ

﴿10﴾ قبر جي مٿي ”اگر بتي“ نہ ٻاري وڃي، اِنهي ۾ سُوءِ ادب (يعني بي ادبي) ۽ بد فالي آهي (۽ انهي سان ميّت کي تڪليف ٿئي ٿي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اُتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي. (مُلَخَّصاً فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 525,482)

## قبر تي ميڻ بتي رکڻ

﴿11﴾ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي نہ رکي جو اِها باهہ آهي ۽ قبر تي باهہ رکڻ سان ميّت کي تڪليف ٿئي ٿي. ها جيڪڏهن اوهان وٽ ”چارجر“ يا ٽارچ وارو موبائيل فون نہ هجي، گورنمينٽ جون بتيون بہ نہ هجن يا بند هجن ۽ رات جي اونداهي ۾ رستي تي هلڻ يا ڏسي ڪري تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني خاطر ضرورت

هجي ته قبر جي هڪڙي پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا. جڏهن ته اُها خالي جڳهه اهڙي نه هجي جو جتي پهرين قبر هئي هاڻي متجي چڪي آهي.

﴿12﴾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: صحيح مسلم شريف ۾ حضرت عَمرو بِن عاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي، اُنهن دمِ مَرگ (يعني وفات جي وقت) پنهنجي فرزند کي فرمايو: جڏهن مان مري وڃان ته مون سان گڏ نه ڪو نوحو ڪرڻ (يعني روڄ راڙي) واري وڃي نه ئي باهه .

(صحيح مُسلِم ص 75، حديث 192، فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه، ج 9، ص 482)

## جنهن قبر جي خبر نه هجي ته مسلمان جي آهي يا ڪافر جي

﴿13﴾ جنهن قبر جو اِهو به حال معلوم نه هجي ته هي مسلمان جي آهي يا ڪافر جي اُنهي جي زيارت ڪرڻ، فاتحه ڏيڻ هرگز جائز ناهي، جو مُسلمان جي قبر جي زيارت سنّت آهي ۽ فاتحه مستحب، ۽ ڪافر جي قبر جي زيارت حرام آهي ۽ اُنهي کي ايصالِ ثواب جي ڪوشش ڪفر. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه ج 9، ص 533)

﴿14﴾ پنهنجي لاءِ ڪفن تيار رکي ته ڪو حرج ناهي ۽ قبر کوٽرائي رکڻ بي مقصد (بيڪار) آهي، ڪهڙي خبر ڪٿي مرندو.

(دُرِّالْمُختار ج 3، ص 183)

هوں بارِ گنہ سے نہ خَجِل دوشِ عزیزاں
اللہ مِری نَعش کراے جانِ چمن پھول

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ﴿1﴾ 560 قبرن تان عذاب کڄي ويو | 1 |
| ﴿2﴾ بُزَرگ جي دُعَا سان سڄي قبرستان کي بخشيو ويو | 2 |
| ٽي فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 4 |
| ﴿3﴾ فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قبر وارن سان گفتگو | 4 |
| غافل انسان! گڏ نيڪي ويندي! | 5 |
| قبرستان ۾ سلام جو طريقو | 6 |
| قبر تي گُل وجهڻ | 7 |
| قبرِستان ۾ ڇا غور ڪري؟ | 7 |
| ﴿4﴾ گُلاب جا گُل يا اَزدَها؟ | 8 |
| مُڙدن کي بُزُرگن وٽ دفن ڪريو | 9 |
| ﴿5﴾ قبرستان جا مُڙدا خواب ۾ اچي پهتا! | 10 |
| روحَ گهرن تي اچي ايصالِ ثواب جو مطالبو ڪن ٿا | 11 |
| ﴿6﴾ ايصالِ ثواب جي هٿو هٿ برڪت | 12 |
| مرڻ واري کي خواب ۾ بيمار ڏسڻ جي تعبير | 13 |
| ﴿7﴾ باھ جو شعلو ڪٽي آيو، جيڪڏهن... | 14 |
| زندھ جي دُعائن سان مُڙدا بخشيا ويندا | 15 |
| ﴿8﴾ مرحوم والد خواب ۾ اچي چيو تہ..... | 15 |
| ﴿9﴾ قبر ۾ مڙدو ٻُڏڻ واري وانگر هوندو آهي | 16 |
| ماءُ پيءُ جون قبرون جيڪڏهن وِچ قبرستان ۾ هجن تہ ... | 16 |
| قبر وٽ ويهي ڪري تلاوت ڪرڻ .... | 17 |
| ﴿10﴾ نوراني لباس | 18 |
| ﴿11﴾ نوراني طَباق | 18 |
| ايصالِ ثواب جا 4 مدني گُل | 19 |
| مرحوم جي قبر ۾ نور پيدا ٿئي | 19 |
| سيني قبر وارن کي سفارشي بڻائڻ جو عمل | 19 |
| مُڙدن جي ڳُٽپ جي برابر ثواب | 20 |
| ﴿12-13﴾ غوث پاڪ جي "پنهنجي امام" جي مزار تي حاضري | 20 |
| "المدد يا غوث" جي ڏهن اکرن جي نسبت سان مزارن جي باري ۾ 10 مدني گل | 22 |
| مزارن تي حاضري جو طريقو | 22 |
| مزارن جي زيارت سنّت آهي | 23 |
| ﴿14﴾ قبر ۾ قرآن پڙهڻ وارو نوجوان | 26 |
| ﴿15﴾ مهڪندڙ قبر | 27 |
| ﴿16﴾ ڪاٺو مُڙدو | 28 |
| هر صحابي قطعي جنتي آهي | 28 |
| ﴿17﴾ پراَسرارکوهہ جو قيدي | 29 |
| قرضدار شهيد بہ جنّت ۾ نہ ويجي سگهندو جيستائين جو... | 30 |
| جنازي نماز کان پهرين اعلان جو طريقو | 31 |
| ﴿18﴾ قبر ۾ اکيون کولي ڇڏيون | 32 |
| اولياء وفات کانپوءِ بہ زندھ هوندا آهن | 32 |
| ﴿19﴾ جڏهن مينهن جو پير زمين ۾ ڦاٿو | 33 |
| ﴿20﴾ قبر تي ويهڻ واري کي تنبيهہ | 34 |
| ﴿21﴾ قبر تي پير رکيو تہ آواز آيو | 34 |
| ﴿22﴾ قبر تي سمهڻ واري کي چيائين.. | 35 |
| ﴿23﴾ اُٿ تو مون کي ايذاء ڏنو | 35 |
| قبر تي پير رکڻ حرام آهي | 36 |
| قبرن کي ڍاهي، نئين رستي تي هلڻ حرام آهي | 36 |
| مزارن جي چوڌ طرف قبرون ڍاهي ڪري بڻايل فرش تي هلڻ ڦرڻ حرام | 37 |
| قبر جي ويجهو گندگي ڪرڻ | 37 |
| ميّت دفنائڻ جي لاءِ قبرن تي پير رکڻو پوي تہ؟ | 37 |
| قبرستان ۾ ماڪوڙين کي مٺائي وجهڻ | 38 |
| قبر تي پاڻي ڇڙڪڻ | 39 |
| پراڻي قبرستان ۾ گهر ٺاهڻ ڪئين؟ | 39 |
| پراڻي قبر ۾ هڏيون نظر اچن تہ........؟ | 40 |
| خواب جي بنياد تي قبر ڪشائي جو مسئلو | 41 |
| قبر تي پار راند روند ڪندا آهن | 43 |
| ﴿24﴾ قبر کولڻ وارو انڌو ٿي ويو! | 44 |
| ﴿25﴾ قبر کولڻ وارو زندھ دفن ٿي ويو | 45 |
| اَمانتاً دفن ڪرڻ جو مسئلو | 46 |
| ڪنهن جي پلاٽ تي دفن ڪرڻ | 46 |
| ميّت سان گڏ مال دفن ٿي ويو ؟ | 48 |
| "قبر جي زيارتِ سنّت آ" جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان 14 مدني گُل | 48 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| اَوليائن جي مزارن مان نفعو ملي ٿو | 23 |
| قبر کي نہ چُميو | 23 |
| شهداءِ جي مزارن تي سلام جو طريقو | 24 |
| مزار تي چادر چڙهائڻ | 24 |
| مزار تي گنبذ ٺاهڻ | 24 |
| مزارن تي چراغان ڪرڻ | 25 |
| قبر جو طواف | 26 |
| قبر کي سجدو ڪرڻ | 26 |
| قبرستان ۾ سلام ڪرڻ جو طريقو | 48 |
| اَربين مرحومن کان دعاءِ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ورد | 49 |
| قبرن جي زيارت جا افضل وقت | 49 |
| قبر تي اگر بتي ٻارڻ | 50 |
| قبر تي ميڻ بتي رکڻ | 50 |
| جنهن قبر جي خبر نہ هجي تہ مسلمان جي آهي يا ڪافر جي | 51 |


## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مکتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو •

## ماخذ ۽ مراجع


| ڪتاب | مطبوعہ | ڪتاب | مطبوعہ |
| --- | --- | --- | --- |
| صحيح مسلم | دارابن حزم بيروت | سنن ابن ماجه | دارالمعرفة بيروت |
| شعب الايمان | دارالكتب العلمية بيروت | مستدرك | دارالمعرفة بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | الفردوس بماثور الخطاب | دارالفكر بيروت |
| معجم الاوسط | دارالفكر بيروت | مصنف عبدالرزاق | دارالكتب العلمية بيروت |
| موسوعه ابن اب | داراحياء التراث العربي بيروت | كنزالعمال | دارالكتب العلمية بيروت |
| تاريخ بغداد | دارالكتب العلمية بيروت | حلية الاولياء | دارالكتب العلمية بيروت |
| مرقاة المفاتيح | دارالفكر بيروت | دلائل نبوة | دارالكتب العلمية بيروت |
| شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا | فتاوي عالمگيري | دارالفكر بيروت |
| حديقة ندية | دارالمعرفة بيروت | در مختار | دارالمعرفة بيروت |
| فتاوي رضويه | رضافاؤنڈيشن لاهور | بهار شريعت | مكتبة المدينه |

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

**شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مکتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو •**

## ماخذ ۽ مراجع


| ڪتاب | مطبوعه | ڪتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | سنن ابن ماجہ | دار المعرفۃ بيروت |
| شعب الايمان | دار الكتب العلميۃ بيروت | مستدرک | دار المعرفۃ بيروت |
| مسند امام احمد | دار الفكر بيروت | الفردوس ماثور الخطاب | دار الفكر بيروت |
| معجم الاوسط | دار الفكر بيروت | مصنف عبد الرزاق | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| موسوعہ ابن اب | دار احياء التراث العربي بيروت | كنز العمال | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| تاريخ بغداد | دار الكتب العلميۃ بيروت | حليۃ الاولياء | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| مرقاۃ المفاتيح | دار الفكر بيروت | دلائل نبوۃ | دار الكتب العلميۃ بيروت |
| شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا | فتاويٰ عالمگيري | دار الفكر بيروت |
| حديقۃ نديۃ | دار المعرفۃ بيروت | در مختار | دار المعرفۃ بيروت |
| فتاويٰ رضويہ | رضا فاؤنڈيشن لاهور | بهار شريعت | مكتبۃ المدينہ |


هوں بارِ گنہ سے نہ خَجِل دوشِ عزیزاں

اللہ مری نَعش کرا ے جانِ چمن پھول

